# سنڌي

**درجو ڇهون (گهرو ڪم)** **ڪُل مارڪون 20**

**هي گهرو ڪم شاگردن ڪي ان لاءِ ڏئي رهيا آهيون ته جيئن موڪلن وارن ڏينهن ۾ شاگرد پنهنجي پڙهائي واري عمل کان ڪَٽيل نه رهن ۽ سِکڻ سيکارڻ وارو عمل جاري رهي سگهي.**

**هي گهرو ڪم هڪ ڏينهن ۾ ختم ناهي ڪرڻو، روزانو جي بنياد تي ٿورو ٿورو ڪري مڪمل ڪرڻو آهي ته جيئن آرام ۽ ڌيان سان ڪم ڪرڻ ڪري شاگردن جا تصور واضح ٿي سگهن. انهيءَ ڪري گهرو ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ چار هفتا رکيا ويا آهن.**

**هي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته گهرو ڪم موڪلن وارن ڏينهن ۾ ئي مڪمل ڪرڻو آهي.**

**هر هفتي جو ڪم هڪ سبق مان ڏنل آهي. جنهن سبق مان گهرو ڪم ڏنل هوندو ان جو نالو مٿي لکيل هوندو. شاگرد چڱي طرح سان اُهو سبق پڙهندا ۽ پوءِ ڏنل گهرو ڪم حل ڪرڻ شروع ڪندا.**

**پهريون هفتو (سبق پهريون پڙهو ۽ سوال حل ڪريو.)**

هيٺ ڏنل سوال پڙهو ۽ صحيح جواب واري اختيار/ آپشن کي پينسل سان پريو.

**1.** هيٺ ڏنل لفظ جو ضد سجاڻو. 01 مارڪ

## ڪٿين

هارائين Ⓐ

آخر Ⓑ

جديد Ⓒ

دوزخ Ⓓ

**2.** هيٺ ڏنل اصطلاح جي معنيٰ چونديو. 01 مارڪ

## جوڙون جوڙڻ

ڏکيو لنگهه Ⓐ

رزق رسائيندڙ Ⓑ

پيدا ڪرڻ Ⓒ

مددگار Ⓓ

**3.** سبق پهريون حمد ۾ ڏنل ڀٽائي صاحب جا سڀئي بيت پڙهو.
هاڻي انهن چئني بيتن مان جيڪو بيت توهان کي پسند آهي ان جي سمجهاڻي لکو. 03 مارڪون

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

______________________________________________

**ٻيو هفتو** **(سبق ٻيو پڙهو ۽ سوال حل ڪريو.)**

هيٺ ڏنل سوال پڙهو ۽ صحيح جواب واري اختيار/ آپشن کي پينسل سان ڀريو.

**4.** صحيح جواب چونڊي خال ڀريو. 01 مارڪ

**حضرت علي ڪرم الله وجهه يهودين جي ______________ ۾ مزوري ڪندا هيا.**

Ⓐ ٻنين

Ⓑ باغن

Ⓒ روٻن

Ⓓ گهرن

**5.** هيٺ ڏنل لفظن مان اسم خاص جي سڃاڻپ ڪريو. 01 مارڪ

Ⓐ ڪتاب

Ⓑ ماڻهو

Ⓒ بلاول

Ⓓ اسڪول

**6.** پورهئي جي عظمت کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريو. 03 مارڪون

**ٽيون هفتو (سبق ٽيون پڙهو ۽ سوال حل ڪريو.)**

هيٺ ڏنل سوال پڙهو ۽ صحيح جواب واري اختيار/ آپشن کي پينسل سان پريو.

**7.** هيٺ ڏنل لفظ جو هم آواز چونڊيو. 01 مارڪ

**آهَه**

Ⓐ ماڙ

Ⓑ مٿا

Ⓒ چام

Ⓓ ڪاهه

**8.** هيٺ ڏنل لفظ جي معنيٰ واري لفظ جي سڃاڻپ ڪريو. 01 مارڪ

**ڪامل**

Ⓐ آسرو

Ⓑ پورو

Ⓒ مدد

Ⓓ واهر

**9.** نعت جي ٽنهي شعرن مان توهان کي ڪهڙو شعر وڌيڪ وڻي ٿو اُهو لکو. اُهو شعر توهان کي ڇو ٿو وڻي ان جو سبب به لکو. 03 مارڪون

**چوٿون هفتو** **(سبق چوٿون پڙهو ۽ سوال حل ڪريو.)**

هيٺ ڏنل سوال پڙهو ۽ صحيح جواب واري اختيار/ آپشن کي پينسل سان ڀريو.

**10.** هيٺ ڏنل جملن مان درست جملي جي سڃاڻپ ڪريو. 01 مارڪ

Ⓐ احمد خط لکي ٿو.

Ⓑ هُو ايندو اڄ گهر.

Ⓒ مهرباني آهي توهان جي.

Ⓓ ماني توهان کائو پلي.

**11.** هيٺ ڏنل جملن مان اسم خاص واري جملي جي سڃاڻپ ڪريو. 01 مارڪ

Ⓐ هوءَ پرت پري ٿي.

Ⓑ توهان هيڏانهن اچو.

Ⓒ زاهده ، اسڪول وئي آهي.

Ⓓ انهن پنهنجو ڪم ڪيو آهي.

**12.** توهان پنهنجي اسڪول ۾ 14 آگسٽ ڪيئن ملهائيندا آهيو، مختصر بيان ڪريو. 03 مارڪون

# انشا پردازي ( مضمون نَوِيسِي )


جنهن لِکَتِ ۾ ڪنهن شيءِ، شخصيت (ماڻهو) يا جاءِ جي باري ۾ معلومات ڏني ويندي آهي يا پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ويندو آهي اُن لِکَتِ کي **مضمون** چوندا آهن. هر مضمون جو ڪو نه ڪو عنوان (نالو) هوندو آهي ۽ سڀ ڳالهيون ان جي ئي باري ۾ لکيون وينديون آهن.

**مضمون لکڻ جو طريقو:**

1. سڀ کان پهريان جنهن عنوان تي مضمون لکڻو آهي ان جي باري ۾ پنهنجا خيال گڏ ڪريو ۽ جيڪي جيڪي خيال ايندا وڃن انهن کي نُڪتن يعني پوائنٽس جي صورت ۾ لکندا وڃو.
2. هاڻي انهن نُڪتن کي ترتيب سان لکو.
3. ٻولي جو صحيح لکڻ تمام گهڻو اهم آهي. صورتخطي جي چُڪُن/ غلطين جو خيال رکو ۽ ٻولي به عام، سادي استعمال ڪريو.
4. لکڻ کانپوءِ هڪ دفعو غور سان ان کي پڙهو جيڪڏهن ڪٿي ڪا غلطي نظر اچي ته ان کي درست ڪيو.
5. آخري پيراگراف ۾ مضمون جو خلاصو لکو.


هيٺ به مضمون مثال جي طور تي ڏنل آهي، اُن کي غور سان پڙهو ۽ سمجهو. تنهن کان پوءِ هڪ يا ٻه مضمون توهان پاڻ به لکو.

نوٽ: مضمون لکڻ تي ڪي به مارڪون رکيل ڪو نه آهن اهي صرف مشق خاطر ڏنل آهن ته جيئن شاگردن ۾ مضمون لکڻ واري مهارت ۾ پختگي اچي سگهي. هيٺ ڏنل مضمونن کان علاوه شاگرد پنهنجي مرضيءَ سان ٻئي ڪنهن موضوع تي به مضمون لکي سگهن ٿا.




## مَينهِن

منهنجو پسنديده جانور مَينهِن آهي. منهنجي مَينهِن جو نالو ڀَٽارِي آهي. ان جو رنگ پورو آهي. اُها صحتمند ۽ قد جي ڊگهي آهي. ڀَٽارِي جو سڀ کان وڏو فائدو اِهو آهي ته هوءَ اسان کي کير ڏيندي آهي، اسان کير پيئندا آهيون ۽ کير وِلوڙي امان اُن مان لَسي ۽ مکڻ به ٺاهيندي آهي. ان جو پسنديده کاڌو سائو گاهه، ٻُهُه ۽ ٻَلالُ آهي. مَينهِن، سَرنهَن ۽ ڪَڪِڙَن جي کَڙُ به شوق سان کائيندي آهي. ڀَٽارِي کُنڍي نسل جي مَينهِن آهي، اُن ڪري اها مون کي پسند آهي.




# ڪرڪيٽ

منهنجي پسنديده راند ڪرڪيٽ آهي. ڪرڪيٽ دنيا جي گهڻو کيڏي ويندڙ ۽ گهڻو ڏٺي ويندڙ راندين منجهان هڪ آهي. پاڪستاني ٽيم مان جاويد مياندادء وقار يونسء وسيم اڪرمء ثقلين مشتاقء سعيد انور ۽ عامر سهيل مشهور رانديگر رهيا آهن. منهنجو پسنديده بالر وقار يونس ۽ پسنديده بيٽسمين سعيد انور آهن. راندين کيڏڻ جو فائدو اِهو آهي ته ماڻهو جسماني طور مضبوط ٿئي ٿو ۽ ٻين به کوڙ بيمارين کان بچيل رهي ٿو.

**13.** هيٺ ڏنل عنوان تي سُهڻن اکرن ۾ مضمون لکو.

**منهنجو پسنديده جانور**

**14.** هيٺ ڏنل عنوان تي سُهڻن اکرن ۾ مضمون لکو.

## منهنجي پسنديده راند